جن جي تاريخ وفات هن حجب جڙي اٿس. وهو هذا.

بر وفات حسرت آيات حضرت مرشدنا و مولانا

حضرت خواجه عبدالرحمان جانيه صاحب رحمت الله تعاليٰ عليه

از زبان سيد حاجي محمد حافظ غفرله تکهڙائي جو سنڌي زبان ۾ مرثيه

---

① هاءِ ڪيو دؤر زمان جي ڏس ترڪتن هي شور و شر

ساري عالم غمزده، ڪيو ڪجهه زمين زير و زبر

② جڳ سڄو ماتم زده، اڄ ماه تا ماهي ٿيو

زير ابر غم الم پوشيده ٿيا شمس و قمر[1]

③ حضرت شاهه عبدالرحمان رهنما جلتڪي

مقتدا، مرشد، مڪمل، رهبرن جو راهبر

④ بي وسيلن جو وسيلو ۽ ازين آڌر اڳهو

مقتدا، مشڪلڪشا، ۽ بيڪسن جو هو ور

---

١ - حضرت جن جي وفات تي سج گرهڻ ٿيو هو.

⑤ سينه بريان ٿيا جدائي کان سيني اقربا

سڀ مريدن ۽ محبن لاءِ ٿيو داغِ جگر

⑥ هو وليُ الله ۽ والي ولايت جو ولي

رهنمائي رهبري سڀ ملڪ ۾ هو مشتهر

⑦ صفوهٔ سڀ اوليا ۽ زبدهٔ سڀ سالڪن

در شريعت در طريقت در حقيقت بحرور

⑧ سروَ سرهندين ۽ پيشوائي عارفن

قدوهٔ اهل يقين، عمدهٔ آل عمر (رضي الله عنه)

⑨ محو مستغرق سدا وحدت شهوديءَ ۾ ٿيا

دُرِّ شرع نبي محڪم هميشه با حذر

⑩ ڇا ڪجي توصيف تنهن محبوب سبحاني سندي

نا ڪو ثاني سندس، مرشد سندم حل ڪان عسر

(١١) ڏيئي تن وريام جي جنّاتِ عدن جاءِ تي

مرحبا چئي سڀ ملڪ حورون غلمان لئي منتظر

(١٢) "ڪُلُّ نفسٍ "، ذڪر پڙهي قرآن ۾ ظاهر ظهور

ڇا ٻيهي تجويز ۽ تدبير قائم رسان قدر

(١٣) هاڻ رهي راهِ فنا ۾ گهر ڇاهي دم بدم

شل هجي هي خاندان آباد تا روزِ حشر

(١٤) خاص خدمتگار تي هو فيض فيّاض سندو

محض هن مسڪين تي نوريءَ جو نور نظر

(١٥) آهيان منجهه بحرِ عصيان غرق، غلطان خجل

تون ذڪي دريا جو آن حضرت خير البشر (صلى الله عليه وسلم)

(١٦) آهي شهنشاهه شيطان جي ڪان آهيان غمگين گهڻو

بيو چوان احوال ڇا؟ آن وٽ مٽي ٻاڙهي پڙڏ

(١٤) ٻي سٽ - اذڪار عجلت سين محمد حافظا

هو خدا جو خاص جوءِ وليءَ پيشوا - قدسي انش

مطلب ته حضرت خواجه صاحب جي ڪمالات کي ڪا حد نه آهي ڪنهن کي ڪهڙي طاقت جو سندن توصيف جو بيان ڪيان. پاڻ قطب الزمان هوا. سندن فيض جو دريائو بي پايان وهايائون.

کين ٻه فرزند ۽ ٻه نياڻيون هيون. وڏو فرزند جناب حضرت مرشدنا ومولانا قبله حضرت آغا محمد حسن جان صاحب رحمت الله عليه آهن سندن ٻيو فرزند ناني حضرت آغا محمد حسين جان صاحب رحمت الله عليهن آهن حضرت قبله مرشدم صاحب جن جي ننڍي پاڻ کان عمر ۾ ڏهه سال وڏا هوا ۽ راقم الحروف جي والده صاحبه کين وڏي پاڻ کان ٻه سال ننڍي ۽ کين ننڍي پاڻ کان اٺ سال عمر ۾ وڏي هئي ۽ ٻي نياڻي حضرت خواجه صاحب جن جي صاحبزاده مرحوم حضرت محمد سالم جان صاحب.

جن جي گهر ۾ هوندي اها نياڻي صاحبه جوانيءَ جي عمر ۾ جناب حضرت
خواجه صاحب جن جي حياتيءَ ۾ ٺٽي ۾ وفات ڪري ويئي. سندن
قبر مبارڪ ٺٽي جي شهر ۾ جتي راقم الحروف جا ٻه ننڍا ڀائر
هڪ جو نالو عبداللطيف ۽ ٻئي جو نالو عبدالفتاح آهي تن سان
گڏ سندس قبر آهي. انهي ٻنهي قبرون جناب حضرت خواجه صاحب
جن جي حياتيءَ ۾ ٺٽي شهر ۾ ٿيون. ليڪن جڏهن حضرت خواجه
صاحب جن وفات فرمائي ۽ سندن مدفن گنبذ ٺهرايو ته ٿيو
تڏان وقت کان وٺي هاڻي تائين اهو قبرستان اسان جي
ساري خاندان جو آهي. ۽ انهي بي بي صاحبه جيڪا اسان جي
خاله صاحب (ماسي) آهي تنهن کي هڪ فرزند تولد ٿيو جنهن جو
نالو محمد ابراهيم جان عرف ڀوڳي صاحبزادو سنه ١٩١٤ع واريءَ
وڏي بيماريءَ ۾ عين جوانيءَ جي وقت وفات ڪئي. سندس قبر
مٿاري درگاه سرهندي ۾ آهي. حضرت جناب مرشدنا ۽ مولانا
حضرت خواجه صاحب عليه رحمت جن جا ٻه فرزند سرهندي ۾ رهيا.

سندن حافظ ايترو وڏو هو جو ياران فرمائيندا هوا ڪن ته جيڪو بارن کي تنجنٽ (بنڊمڻ) ۾ پڙهيو آهي سو به حون کي ياد آهي. سندن سندن علمي ڪمالات جو بيان ڇا ڪجي، سندن تصنيفات مان ڏسي سگهجي ٿو. سندن پٽ ۾ دينيءَ علم جي عالم فاضل ٿيا، ۽ جيئن حضرت والا خواجه صاحب جن وٽ رهندا هئا، ۽ باقي سڄي خاندان سميت ملڪ عربستان ۾ مڪه مڪرمه وڃي رهيا. اتي سندن والد صاحب جن کي مدرسه صولتيه ۾ داخل ڪرايو. باوجود شادي شده ۽ ساري عيال جي خدمت جي سپرد هئڻ هوندي به ملان اهڙن شرح وقايات سان گڏ علم به انهيءَ مدرسه ۾ آخر تائين پورو ڪيائون. انهيءَ وچ ۾ قرآن پاڪ به مخفي طور حفظ ڪندا رهيا. يعني استاد جي ياد ڪندا رهيا ۽ باقي جيڪو ڪجھ رهيو سو واپس ملڪ ۾ اچي پڙهيائون. جڏهن حضرت خواجه صاحب رحمت الله عليه جن کي سندن قرآن پاڪ جي مخفي ياد ڪرڻ جي خبر پئي ته جناب مولانا ميان لعل محمد صاحب متعلوي مرحوم

جنکي پاڻ وٽ گهرائي ڪين ڪلام پاڪ جو حفظ پورو ڪيرائو ۔ ڪلام
پاڪ جي حفظ وارن کي نعمت حاصل ٿيڻ لاءِ حضرت خواجه صاحب
رحمت الله تعالیٰ عليه جن وڏي خيرات ڪئي ۔ حضرت خواجه
صاحب جن کي ماڻهن عرض ڪيو ته قبلا هيڏي وڏي خيرات جو ڇا
ڪريو پاڻ فرمايائون ته رب تعالیٰ جل شانه جي فضل سان فلانه
ڪلام پاڪ حفظاً ياد ڪيو آهي ۔ جيڪڏهن انهيءَ نعمت جي
شڪرانه ۾ مان پاڻ کي قربان ڪريان ته به گهٽ آهي مطلب
ته خداوند تعالیٰ اهڙي ڪا به سعادت حضرت مرشدم صاحب قدس سره
جن کي عطا فرمائي آن جو مثال ملڻ ناممڪن آهي ۔ حضرت خواجه
صاحب عليه الرحمت جن جو ننڍو فرزند آقا محمد حسن جان صاحب
عليه الرحمت آهي ۔ هي صاحب به علم ۾ يڪتا ۽ بي نظير هوا
سندن مثال دنيا ۾ نه آهي ۔ هميشه وڏن مولوين کي پاڻ ۾ علمي
بحث ڪرائيندا هوا ۽ پاڻ به انهيءَ بحث ۾ هڪ سان شامل
ٿي سوال جواب ڪندا هوا ۔ مطلب ته علم جا گهر هوا ۔ سندن

نعمت

پرهيزگاري، قناعت ۽ درويشي بي مثال آهي. ڪين ٻه فرزند
تولد ٿيا هڪ جناب آقا محمد اسماعيل جان صاحب ۽ ٻيو آقا
محمد يعقوب جان صاحب. محمد يعقوب جان صاحب ويهين ٻاويهين
ورهين جي عمر ۾ مرض انفلوئنزا جيڪا جنگ عظيم اول
جمنيءَ ۾ لڳي هئي ان بيماريءَ ۾ وفات فرمايائون. حضرت
آقا محمد اسماعيل جان صاحب جن علم جا گوهر ۽ طبع جا لطائف
تحقيق ۾ مهربان هوا. ۽ شعر و شاعريءَ ۾ سندن مقام وڏن
شاعرن ۾ هو. سندن شعرن جا ڪليات فارسي سندن فرزندن
ڇپايو آهي. سنڌيءَ ۾ به سندن گهڻوئي شعر آهي. سندن
تخلص "روشن" هو. پاڻ پنهنجي والد صاحب جن جي حياتيءَ
۾ ئي جوانيءَ اندر وفات ڪيائون. سندن ٻه فرزند جناب
صاحبزاده محمد اسحاق جان آهي ۽ ٻيو فرزند جناب صاحبزاده
آقا محمد ابراهيم جان صاحب آهي ۽ ٽيون صاحبزاده جناب
عبدالمجيد جان آهي.

جناب حضرت قبله مرشدم صاحب رحمت الله تعاليٰ عليه جن جو
اهڙو اولاد هن ريت آهي . سندن وڏو فرزند ١ نالي جناب حضرت
بابرڪت قبله مڪانم حضرت "عبدالله جان" مشهور بنام
"شاه آغا" صاحب ٻيو ٢ فرزند جناب آغا عبدالستار جان صاحب .
ٽيون ٣ فرزند جناب حضرت اخوي آغا حافظ محمد هاشم جان صاحب .
انهن ٻنهين جي شادي مان حضرت مرشدم صاحب عليه الرحمة جن
کي انهن ٻين کان سواءِ ست نياڻيون هيون . ۽ ٻارڻ جي عالي
شادي ڪرائي جي حضراتن مان ڪيائون انهيءَ مان ڪيت
کي ٣ فرزند ۽ ٻه نياڻيون هيون . اول فرزند صاحبزاده محمد شريف صاحب
۽ ٻيو فرزند صاحبزاده محمد حنيف جان ۽ ٽيون فرزند صاحبزاده
عبداللطيف جان هوا . سواءِ صاحبزاده محمد حنيف جان جي
حضرت مرشدم صاحب جن جو اهڙي ٻي ٻي مسڪوري وارو اولاد اطفال
زلزله ڪوئيٽا ۾ شهيد ٿيا ۽ سندن قبرون به آغا ڪوٽ شاهه
جي قريب شابوڪلي ۾ آهن رحمت الله تعاليٰ عليهم اجمعين .

صاحبزادو محمد حنيف جان صاحب اڄ تائين حال حيات آهي ۽ صاحب
اولاد جو آهي ۽ هن وقت سندن سکونت حيدرآباد شهر ۾ آهي
ٻيو فرزند حضرت قبله مرشدم صاحب رحمت الله تعاليٰ عليه جن جو
حضرت قبله سائين شاه آغا جان صاحب آهي. سندن توصيف
آءٌ عاجز ۽ قاصر جا ڪري سگهندس. پاڻ جهڙا احوال سندن
ڪامل ولي آخر تائين ڪجهه تصنيف ۾ لکيو اٿن جو هر ڪي تسليم آهي
پاڻ ديني علم ۾ يڪتاءِ زمانه ۽ بي مثال هوا. ديني تعليم ۾
سندن استاد حضرت مولانا مولوي حاجي ميان لعل محمد صاحب
متعلوي منيارئي وارا هوا - ۽ مولوي خير محمد مگسي بلوچ هو
۽ علم الحديث صحاح ستہ تائين مڪمل ڪجهه والد صاحب
جناب حضرت مرشدم صاحب جن وٽ پاڻ تڪميل ڪجها يائون.
خداوند تعاليٰ اهڙو کين علم ظاهري خواه باطني عطا فرمايو
هو سو ڪن جي اندازه ڪان ٻاهر آهي. سندن تقويٰ ۽
پرهيزگاري ضرب المثل آهي. جناب حضرت مرشدم صاحب.

جن جي حالت لهي - پاڻ مسند آراي سجادهٔ حضرات مجدديه ٿيا
۽ اهو فيض جو درياه جاري ڪيائون جو هر فرزند کي ياد هوندو -
خادم مون عاجز تي جيڪا منهن عنايت ۽ شفقت ۽ ڪمال مهرباني
هئي حيران آهيان ته ڪهڙو بيان لکان - مطلب ته مجموعه ڪمال
پاڻ هوا - زماني جا قيوم ۽ وقت جا قطب هوا. افسوس جو اسان
منهن قدر نه سڃاتو. اميد ته منهن شفقت واري نظر هميشه تائين
قائم رهندي - آخر مڪين رب تعالیٰ جل شانه شهادت جو رتبه
عطا فرمايو - ڪين چار فرزند هوا - پهرين گهرواري مان جيڪا راقم
الحروف جي همشيره هئي انهن مان ٻه فرزند هوا. وڏو صاحبزادو
(١) غلام صديق جان جيڪو ننڍي عمر ۾ سنه ١٣٣٤ھ ۾ وفات ڪري ويو
(٢) ٻيو فرزند جناب صاحبزاده حضرت آغا غلام علي جان صاحب هوا
ٻي گهرواري مان فرزند (٣) ٽيون جناب محترم مولوي غلام النبي جان
صاحب هو ۽ (٤) چوٿون فرزند جناب آغا محمد سعيد جان صاحب
آهي جو حال حيات ۽ صاحب اولاد آهي - رب تعالیٰ جل شانه

کين عمر اولاد اطفال وڏي حياتي عطا فرمائي - منهن صلاحيت
تي انسان سيني کي فخر آهي - آمين - مرحوم جناب غلام النبي صاحب
جن هڪ عجيب شخصيت جا مالڪ هوا - ديني علم دادو ۾ شهر
جي متصل مدرسه امينائي ۾ جناب حضرت شاهه صاحب
حاجي امين محمد شاهه صاحب کان حاصل ڪيائون - افسوس جو
عين جواني ۾ وفات ڪيائون - ۽ پويان ٻه گهر ۽ اولاد ڇڏي
ويا - حضرت جناب غلام علي خان صاحب رحمت الله تعالى عليه
جن مون راقم جو سڳو پاڻيجو آهي - ننڍپڻ ۾ کين ام الصبيان
ڏکين
جو مرض ٿيو جنهن ۾ کين ڪيئي غش ٿيا - جناب حضرت قبله مرشدم
صاحب رحمت الله تعالى عليه جن کين علاج لاءِ ڪراچي ۾ وٺي ويا
۽ هڪ وڏي انگريز ڊاڪٽر ناليءَ نذرت کان علاج ڪرايائون
اتان حق تعالى جل شانه کين شفا عطا فرمائي - منهن طبع مبارڪ
ننڍي کان ئي درويشانه هئي - فارسي تعليم ۽ ڪجهه عربي تعليم
جي حضرت والد صاحب ۽ جناب حضرت مرشدم صاحب رحمت الله عليه

جن وٽ حاصل ڪيائون. ان کان بعد ڪين منهنجن حضرت والد صاحب
منهنجن استاد جناب حضرت مولانا الحاج لعل محمد صاحب متعلوي
ميٺاري جن وٽ تعليم جتي پاڻ گهڻي قدر ديني علم حاصل ڪيو.
پاڻ بيعت پنهنجي حضرت جد امجد حضرت مرشدم صاحب عليه الرحمة
جن کانئن ڪئي اٿن ۽ باطني فيض پنهنجي حضرت جد امجد صاحب
کان حاصل ڪيائون. حضرت مرشدم عليه الرحمة جن منهن لاءِ
ڏاڍا ڪمشان ۽ مهربان هوا. منهن نيندن ۾ ڏٺي عجيب عجيب
مڪاشفات آهن. خداوند تبارڪ وتعالیٰ ڪين هر طرح سان نوازيو
هو. منهن تعريف ۽ توصيف حد ڪتابت کان ٻاهر آهي.
منهن حضرت والد صاحب جن جي شهادت بعد مسند آرائي سجاده
نشين ٿيا ۽ سڀ مريد ۽ مخلص منهن فيض مان فيضياب ٿيندا
رهيا. مگر افسوس صد افسوس جو پاڻ مرحله موٽر جي حادثه ۾
شهيد ٿيا ۽ اسان پياسا رهجي وياسون. رحمت الله تعالیٰ
عليهم اجمعين. منهن شادي مبارڪ ٿيڻي وڏيا پاڻ حضرت

آغا عبدالسلام صاحب جن جي وڏي ۽ نياڻي مسان شل اکھ ڄجهال
حيات آهن - ڪين هڪ فرزند ارجمند ۽ ٻي نياڻيون رهيون
سندن فرزند ارجمند جو نالو مبارڪ حضرت آغا عبدالحميد جان صاحب آهي
جو پنهنجي آباءُ اجداد جي گادي شريف تي هاڻي سجاده نشين
درگاه شريف ٽنڊه سائين داد جا آهن - ۽ عمل صالح الحيت
جامع آهن - "يارب تعالىٰ تون هن نوجوان حضرت کي اهي برڪتون
۽ درجات عطا فرماءِ جيڪي سندن آباءُ اجداد کي عطا ٿيون"....
۽ دعا ۽ جناب سيد حاجي محمد حافظ شاه جو هي دعائيه فرد ڪافي

هاڻ ره راضي رضا تي، گهر دعا هي دمبدم
"شل هجي هي خاندان آباد تا روز حشر"

جناب حضرت آغا عبدالحميد جان صاحب مدظله سجاده نشين
درگاه عالي ٽنڊه سائين داد جن کي رب تعالىٰ جي فضل سان
چار فرزند ۽ آهن ۽ ٻه نياڻيون - سندن وڏي فرزند ارجمند جو
نالو مبارڪ جناب آغا عبدالوحيد جان صاحب طول عمره بالهداية آهي

سندن طبع مبارڪ نهايت ذڪي ۽ ڪمال حافظي جي مالڪ آهي. خدا پاڪ کين
هن وقت کين ڪمال قابليت ۽ صلاحيت جي نعمت سان نوازيو آهي
۽ عبديءَ جام عطيو آهي. هن وقت ديني علم حاصل ڪرڻ لاءِ
شهر موري ۾ مدرسه عربيه ۾ تعليم حاصل ڪن ٿا. سندن سموري
اخراجات جي خدمت جناب حاجي ڪريم بخش خان جتوئي ٽنڊو ميان
کين تي رکي آهي ۽ هو انهي خدمت کي دارين جي فلاح ۽ نجات
تو سمجهي. الله تبارڪ تعاليٰ سائل جتوئي صاحب کي هن ڪار خير
جو اجر عطا فرمائي ۽ آخرت ۾ به اجر عطا ڪري.

٢

ٻيو فرزند سندن نالي صاحبزاده "فضل الله" صاحب آهي جو حيدرآباد
۾ تعليم حاصل ڪري رهيو آهي.

٣

ٽيون فرزند سندن نالي صاحبزاده "نثار احمد" صاحب آهي.
جو پڻ وڏي ڀاءُ سان گڏ موري ۾ تعليم حاصل ڪري رهيو آهي

٤

سون محمد حسن جان. چوٿون فرزند نالي "حضرت خواجه عبدالرحمان صاحب رحمة الله عليه
جي آهي. مگر ادب ڪان سڀئي کيس "آغا" سائين سڏين ٿا

هن وقت منهنجي عمر مبارڪ ٽن ڇٽيهن سالن جي آهي. رب تعاليٰ جل شانهٗ کين وڌيڪ عمر، علم، عمل، هدايت، صلاحيت ۽ برڪت عطا ڪري آمين.

هاڻي آخر ۾ ختم ۾ منهنجي حضرت والد صاحب رحمت الله تعاليٰ جن جو ذڪر ڪيان ٿو. جناب حضرت قبله گاهه صاحب جن ننڍپڻ کان وٺي زير تربيت منهنجي ماميءَ جناب حضرت قبله خواجه عبدالرحمان جان صاحب جن جي رهيا. ننڍپڻ ۾ ستن سالن جي عمر ۾ خواب اندر جناب حضرت غوث الثقلين سيدنا شيخ عبدالقادر صاحب جيلاني رضي الله تعاليٰ عنه جا مريد ٿيا آهن. جو باري ۾ انهيءَ باري ۾ هڪ فرد لکيل خط ۾ اٿن وهو هذا:

| | |
|---|---|
| پس از اثنا عشر قطب عراقي | مريد او شده ام من به طفلي |
| طريقه نقشبندي او بمن داد | به پاس نقشبندان شاه بغداد |

وري جڏهن دوباره جناب حضرت خواجه صاحب عليه الرحمت جن جي بيعت ڪيائون ته وري جناب حضرت قبله خواجه صاحب رحمت الله تعاليٰ عليه جن جي تصنيف ۾ هڪ فرد چيائون.

گر بہ طفلی برشدم را پیر پیران کردہ اند
منت ایزد کہ پیرم عبد الرحمن ساختند

جڏهن جناب حضرت خواجه صاحبن قنڌهار ۾ هوا ۽ جڏهن ته
سنڌ ۾ سفر مبارڪ تي ايندا هوا ته اسان جي والد صاحب کي
ته پاڻ سان آڻيندا هوا. انوقت جو سفر اٺن ۽ گهوڙن تي هوندو
هو ۽ مهينا لڳي ويندا هوا. جڏهن سنڌ جي سفر کان موٽي
قنڌهار ويندا ته اسان جي والد صاحب کان پڇيائون ته ڪيترا ڪتابن
مان ڪيترا سبق ورتا آهن. اسان جي والد صاحب عرض ڪيو ته
هڪ ست سبق ڪتاب جا پڙهيا اٿم - ~~اسان جي~~ سنڌن والد صاحب
جن کي ديني علم ۾ ڪافي درڪ هو تن ڪين چيو ته هيتري
وقت ۾ تو فقط بس ست سبق ورتا آهن. جواب ۾ اسان جي
والد صاحب چيو ته مون باطني علم جا پورا ست سبق حاصل
ڪيا آهن ۽ هڪ قلبي پر ڪجي ست لطيفه حاصل ڪيا اٿم -
تنهن سنڌن والد صاحب شڪر الحمد بجا آندو - پاڻ سفر ۾

سنڌن والد صاحب کي

خواجه حضور ۾ حضرت خواجه صاحب جن ساڻ گڏ رهيا ۽ کين خصوصي
رتبو رب تعاليٰ عطا ڪيو سو حضرت خواجه صاحب جي فيض ۽ برڪت مان ٿيو
۽ اهڙي طرح فيض مان فائض ٿيا - ۽ آخر ۾ کين حضرت خواجه
صاحب عليه الرحمت جن طريقه ۾ ڪامل ۽ مڪمل ڏسي ارشاد جي
اجازت عطا فرمائي - حضرت طبع اول کان آخر تائين دنيا کان
متنفر هئي - جيتوڻيڪ کين ظاهري ملڪيت مان مليو سو به
ترڪ ڪيائون - ۽ هميشه اهڙي خوشي ۾ هيا ته هر وقت اسان ڏي
جيڪو به اچي ٿو سو دنيا ملڻ لاءِ يا پٽ ملڻ لاءِ دعا واسطي اچي ٿو
مگر افسوس جو ڪو به رب ملڻ لاءِ دعا واسطي نٿو اچي - جنهن
لاءِ هميشه افسوس ڪندا هوا - جڏهن حضرت خواجه صاحب
عليه رحمت جن رحلت فرمائي ته پاڻ حضرت مرشد صاحب
جن ساڻ گڏجي اچي ٽنڊي سائينداد ۾ رهيا - جت حضرت
مرشد صاحب جن کي ٽنڊي الله العلي خان واري ٽالپر مير امام بخش
خان زمين ۽ باغ نذر ۾ ڏنو هو - جنهن ۾ ذڪر ڪيو ويو

اتي ٽنڊي لاساءِ داد ۾ تقريباً ٻه سال گذري ويا. انهي وچ ۾ حڪيم
سيد الهه بخش شاهه اسان جي حضرت والد صاحب کي عرض ڪري ته
اوڏانهن هيٺ ٽنڊي محمد خان ۾ اچي رهو. اسان جي حضرت والد
صاحبن به اها صلاح پسند ڪئي. ۽ جيڪا هن وقت اسان جي
موجوده جاءِ آهي سا زمين مير مرحوم ساڳي امام بخش خان ٽالپر
سورهن سئن ۾ خريد ڪري جملي سنت الڪرام اسان جي حضرت
والد صاحب نالي ڪئي. ۽ ان زمين ۾ هڪ ايڪڙ تي اسان
جي حضرت والد صاحب ڪوٺي عيدگاهه مسجد ۽ اوطاق ٺهرائي ۽ اچي
ٽنڊي محمد خان ۾ رهيا جيئي اڄ تائين اسان سندن اولاد رهون ٿا.
حضرت قبله صاحبن جي اولاد جيتي لڳي آيو آهيان. سندن وڏو
فرزند لخت حضرت آغا عبدالسلام جان صاحب هو ۽ ٻيو
فرزند هڪ عبدالفتاح ۽ ٻيو عبداللطيف جن ننڍ وڏي ۾
ننڍپڻ ۾ وفات ڪئي. جو ٽئين فرزند حضرت آغا محمد جان هو
۽ ٻيون ٻڙهي راقم الحروف العاصي عبدالغفار آهي.

آخري محمد عمر جان مرحوم ۽ سخي محمد آءٌ هت سنڌ محمد خان ۾ تولد ٿيا آهيون
منهنجي ولادت جو سال سنه ١٣٢١هه آهي - منهنجي عمر حضرت قبله گاه
صاحبن جي رحلت وقت ١٣ تيرهن سالن جي هئي. ننڍي عمر ۾ مون
کي ڪلام پاڪ جي ۽ علم فارسي جي تعليم حضرت قبله گاه کان ملي -
فارسي جي ڪتاب مولانا سعدي عليه الرحمت جي بوستان سين
باب تائين حضرت قبله گاه صاحبن پڙهيم ۽ ڪلام پاڪ سورة
يوسف (عليه السلام) تائين به حضرت قبله گاه صاحب وٽ پڙهيم
حضرت قبله گاه صاحبن مون کي ڪلام پاڪ تفسير جي معنيٰ
سان پڙهائيندا هوا. اسان جي حضرات جو هي اصول هو ته
ٻارن کي اول فارسي جي ابتدائي ڪتابن جو سبق ڏيندا هوا
تنهنڪري ته ٻار قرآن پاڪ جو ادب سمجهاڻي تا آهستي ۽ بي وضو
نه پڙهن - تنهنڪري جڏهن ٻار سمجهدار ٿيندو هو ته
پوءِ ان کي قرآن پاڪ جي تعليم ڏيندا هوا. ۽ نماز لاءِ ٻارن
کي ننڍيون ننڍيون سورتون ياد ڪرائيندا هوا - انهيءَ اصول

مرجب مون کي به ابتدائي فارسي ڪتابن جي تعليم حضرت قبله گاهه صاحب جن ڏني - مون کي ياد آهي ته حضرت صاحب جن مقبره شريف جي زيارت لاءِ هليا ۽ رات جو اتي رهيا صبح جو مون کي به بيت ڪريما جا ڪي ڏنائون ته ڏيو ۽ وڃي حضرت خواجه صاحب جن جي آڏو پڙهه، اهي به بيت هي هوا -

ڪريما ببخشاي برحال ما — که هستم اسير ڪمند هوا

نداريم غير از تو فرياد رس — توئي عاصيان را خطا بخش و بس

"ڪريما" کان پوءِ مون کي "نام حق" فارسي جو پڙهايائون - پوءِ "پندنامه" پوءِ "بوستان" سان گڏ قرآن پاڪ جي تعليم ڏيندا هوا. حضرت قبله گاهه صاحب عليه الرحمت جن جو اصول هو ته نماز عصر کان پوءِ نماز عشا تائين مسجد ۾ رهندا هوا ۽ انهي دوران قرآن پاڪ يا حديث شريف مان نبين ۽ ولين جا قصا ٻڌائيندا هيا. سندن طبع مبارڪ ايتري ته جلالي هوئي جو سندن آڏو عيب ۽ خوف کان ڪو به نه ڳالهائي سگهندو هو - رمضان

شريف ۾ تراويح جو حافظ يا ڀائي پڙهائيندا هوا ۽ تراويح بعد
مسجد ۾ ويهي قرآن شريف جي تلاوت ۾ مشغول هوندا هوا تان
به سحور - پوءِ گهر اچي سحري کائي نماز فجر ۽ اشراق بعد
آرام ڪندا هوا ۽ ظهر جي نماز تي اچي نماز بعد وري به قرآن پاڪ
جي تلاوت ڪندا هوا ۽ عصر جي نماز بعد ختم خواجگان
حضرات جو مقرر پڙهندا هوا - جهڙي ننڍي عمر ۾ به مون کي
قصا ڌيان نه هو، ليڪن ۽ حضرات جا بيان ٿيندا هوا ۽ آئون وري
گهر اچي اهي قصا حضرت والد صاحب جن کي بيان ڪندو هوس
خصوصا اخوي محترم آقا عبدالسلام جن کي چوندا هيا ته توهين قاضي
آهين - افسوس صد افسوس جو آئون ننڍي عمر ۾ حضرت قبله
گاهه جن جي سايه مبارڪ کان محروم ٿيس جو ١٣٣٤ھ ۾ حضرت
قبله گاهه صاحب جن رحلت فرمائي - ان وقت منهنجي عمر ترهن چوڏهن سال
هئي - حضرت قبله گاهه صاحب جن منهنجي تعليم لاءِ مسيار پن جي
هڪ مولوي صاحب نالي ميان حاجي محمد صاحب جن کي مقرر ڪيو

حضرت قبله گاه صاحب جن جي رحلت کان پوءِ مون فارسيءَ ڪتاب سڪندر
نامي ۽ عربيءَ جا ابتدائي ڪتاب صرف وارا مولوي صاحب ميان
خير محمد وٽ پڙهيا. لڪ بار افسوس جو آءٌ حضرت قبله گاه صاحب
جي فياضانه صحبت کان محروم رهجي ويس. جيڪڏهن حضرت
جن جو سايه مبارڪ ڪي سال اڃان مٿي مٿان قائم هجي ها ته جنهن
نا ته آءٌ اعليٰ علمي مقام تي پهچان ها. مگر افسوس جو عمر
مالڪن جي صحبت ۾ بي تڪميل رهيس. مولوي ميان خير محمد کان
پوءِ مولوي ميان عنايت الله مرحوم وٽ ابتدا کان عربيءَ
جا ڪتاب فقه، شرح وقايه، نحو ۾ ڪافيه تائين پڙهيا.
جناب حضرت قبله مرشد صاحب جن جي همشيره جي خاطر احسان
جي حد کان زياده مهربان هوا. تا جو مون کي پنهنجي دامادي جو
شرف عطا فرمايائون ۽ شادي جو سارو خرچ پاڻ تي هموار ڪيائون
۽ مون کي پنهنجي مريدن جي نظارت تي پنهنجي خاص خليفه مرحوم قاضي
عبدالحڪيم سان جيڪو گڏ سنڌ جي سفر تي موڪليائون

سيوهڻ ۾ ڪان وٺي شڪارپور تائين سفر ڪيم ـ حضرت والد صاحب جن
جي حڪم جي شڪارپور مان حاجي محمد عارف جي دڪان تان
شادي لاءِ ڪپڙا ورتم ۽ باقي ٻيو سامان ڪري ڏنا هئا جملا ٥٠٠ پنج سو
روپيه والد صاحب کي آيا ڏنم ان وقت جا پنج سو اڄ
جي پنجن هزارن روپين جي برابر هيا ـ آخري مرحوم حضرت حافظ
محمد هاشم جان صاحب جي شادي جو ان سان جي گهران هئي ان موقعه
سان گڏ منهنجي به شادي ٿي ـ شادي ڪان پوءِ وري ڪان تعليم
شروع ڪئي ۽ پورا ڇهه سال لڳاتار تعليم جاري هئي ـ ڇهن سالن
ڪان پوءِ وري مون کي شوق ٿيو ۽ گرڙهي ياسين وياسين ۽ جناب
حضرت مولانا محمد قاسم صاحب جن وٽ تعليم شروع ڪيم ـ
۽ پورا چار سال گرڙهي ياسين ۾ رهيس جناب خانبهادر محمد
خان جو خاص مريد مان هوس ۽ سندس والد صاحب خاص انسان
جي قبله گاهه صاحب جي مريد هئي تنهن منهنجون سڌو رسيون
سندن خرچ ڪيون ـ خداوند تعالى اجر ڏيندو مثال ڪين اڳهي

خدمت جي عوض آخرت ۾ صلهٔ عطا فرمائي. باقي احقر وارا اڪتاب

هوا ته قدرت الله تعالیٰ مولانا مرحوم صاحب جن رحلت ڪئي.

مولانا صاحب جن جهڙو عالم رباني هوا. سندن تصنيف لکڻ کان

باهر آهي. سندن تعليم جو مثال دنيا ۾ مشڪل هوندو. ننڍي

عمر ۾ رحلت ڪيائون. سندن بيماري اٽڪل ڇا ڇهه ڏينهن هلي

آخر بيماريءَ ۾ جيڪي ڪجهه ڳالهائيندا هئا سو عربيءَ ۾. اتفاقاً

جناب حضرت اخوي آقا عبدالستار جان صاحب جن خانبهادر درود

آيا ۽ ان رات مولانا صاحب رحلت ڪئي. ۽ جنازه جي نماز

حضرت اخوي صاحب پڙهائي. جنهن اخوي صاحب "الله اڪبر" چيو

ته جنازه مان به مولانا صاحب الله اڪبر جو ڪلمو بلند آواز

سان چيو. مولانا صاحب جي رحلت سبب هنن جي دل ڀڄي پئي.

جيڪا موز ۾ مزو مولانا صاحب مرحوم جي تعليم ۾ هيو سو

ٻئي هنڌ نه هئي ڪڏهن ڪري هي يا ٻين مان جڏهن طرح خيال ڪيم

هجڻ ۾ حضرت مرشدنا صاحب عليه الرحمت جن مولانا صاحب جن
جي فاتحه خوانيءَ تي آيا ته مون ساڻن حال سندن حضرت جن عرض ڪيو
ياد فرمايائون ته درگاهه شريف ساڻن دادتي مولوي ميان عبدالقيوم
صاحب صاحبزادن کي تعليم ڏيئي رهيو آهي تون به اتي وڃي باقي
رهيل نصاب پورو ڪر. تنهن مان مون کي هٿ گهرائي مولوي صاحب
موصوف جن وٽ رهيل آخرين نصاب ڏيئي وانگر پڙهي پورو ڪيم
انهيءَ وچ ۾ حضرت والده صاحبه جن مون کي حڪم ڪري فرمايو
ته تون وڃي حضرت مرشدنا صاحب جن جي خليفي وٽ جي سلسلي
جي بيعت وٺي مريد ٿي. رمضان شريف جو مهينو هو مهيني
جو ڏهين تاريخ درگاهه شريف ساڻن دادتي آئي وڃي حضرت
صاحب جن جي خدمت اقدس ۾ عرض ڪيم ته مون کي سلسلي ۾
داخل فرمايو. حضرت صاحب جن جن احسان تي حد درجي کان زياده
مهربان هوا عرض قبول فرمائي چيائون ته جمعه ڏينهن اڄ
ته نماز کان پوءِ توکي سلسلي ۾ داخل ڪنداسين.

الحمد لله والشڪر لله جنهن اهڙو گالهه مشهور ٿي ته منهنجي ڀاءُ سڳي
مرحوم غلام احمد خان به حضرت صاحبن جي حضرت ۾ سلسلي ۾
داخل ٿيڻ لاءِ استدعا ڪئي . حضرت صاحبن ان کي به فرمايو ته
تون به فلاڻي ساڻ گڏجي جنهن ڏينهن اچي سلسلي ۾ داخل ٿي وڃ . اسان
ٻئي جنهن ڏينهن ٽنهي ڄڻن گڏ اچي درگاهه شريف تي حاضر ٿياسون
۽ جناب حضرت مرشدنا صاحب عليه الرحمة جن جي انتظار ۾ سندن
دروازي تي ويٺا هئاسون . ڪجهه ساعت ۾ هلندي تحفا مانيءَ
ماجا لئي گهڻن هئا حضرت صاحبن جي خدمت ۾ اندر ڪليم
۽ حاضريءَ جي اطلاع عرض ڪيم . اتفاقاً ان وقت مرحوم قاضي
ميان عبدالڪريم ٺٽي وارو به درگاهه شريف تي آيل هو جنهن کي
اسان جي داخلي سلسلي جي خبر پئي ته قاضي عبدالڪريم به عجز سان
مولوي غلام محمد جي معرفت عرض ڪرايو ته لاءِ اچي حضرت جن جي دروازي
تي عرض ڪرڻ لاءِ ويٺو . پاڻ ۾ جناب شريف علي محمد افغان ٺڪڙ
جي حضرت قبله مرشدنا صاحب عليه الرحمة جن دروازي تي تشريف

فرمايا. اسان سندن قدم بوسي ڪئي ته قاضي صاحب مرحوم به عرض
ڪيو ته قبله ما، جيڪڏهن نوازش فرمائي صاحبزادن سان گڏ
هن مريدزادي کي به سلسله ۾ داخل فرمايو ته نوازش ٿيندي.
حضرت صاحبن کي جوش آيو ۽ فرمايائون ته هرگز نه... قاضي
مرحوم چپ ٿي ويو. اسان به ششدر ٿياسون ته اسان کي ۽
هاڻي شرف داخل سلسله جو ملي پائي ملي. انهي وقت ۾ جناب
حضرت صاحب عليه الرحمت جن جي بنيان هلندي مسجد شريف
۾ آياسون. حضرت صاحب جن جي نفل و سنت پڙهڻ بعد خطبه
جناب حضرت اخوي عبدالستار جان صاحب پڙهيو. نماز لاءِ
پيش امام جناب حضرت قبله آقا شالا آغا صاحب ٿيا.
نماز بعد ۾ سنتون ادا ڪرڻ بعد سموري خلق هلي وئي
باقي فقط اسان به اميد ۾ ويٺا رهياسون. حضرت مرشدنا
صاحب جن اصول بجاءِ وظيفه دلائل الخيرات جو شروع ڪيو.
فقير علي محمد افغان به اتي ويٺو هو. اسان ٻاهر مسجد شريف

جي ورائڻ ۾ ويٺا هواسون. ختم بعد جناب حضرت صاحب جن
اسان کي اشاري سان طلب فرمايو۔ اسان کي اعوذ بالله ۽ بسم الله
سان گڏ تلقين شروع فرمائي آخر ۾ قلبي توجه اسان جي قلب
ذاڪر فرمائي ۽ انهن لفظن سان خطاب فرمايائون ته آءٌ اوهان
کي ان ڳالهه جي وصيت ڪريان ٿو ته هلندي ڇلندي ڪم ڪار
ڪندي هميشه دل ۾ ذڪر "الله" جل شانه ڪندا رهو۔ اهو
ذڪر اهڙو آهي جو آخر انشاء الله تعاليٰ اوهان کي آخر تائين هلائيندو
۽ باقي وصيتون مخفي عطا فرمايائون۔ تلقين وقت مون تي هڪ
اهڙي حالت طاري ٿي جو مدهوشي ۾ مون حضرت صاحب جن کي
هيبت ڪري نه ٿي ڏٺو بلڪ تمام مستي ۽ ذوق ۾ آيس۔ وڌيڪ
جيڪا ڪيفيت گذري اها ظاهر ڪرڻ، لکڻ کان ٻاهر آهي۔ مون
کي ڪا به طاقت نه آهي جو بيان ڪريان۔ ان کان بعد حضرت
قبله مرشد صاحب عليه الرحمت جن حرم سرائي ڏانهن روانا
ٿيا ۽ اسان سڀني قدم بوسي ڪري فخر سان موٽياسون۔

گهر ويهي حضرت والد صاحب جن جي قدمبوسي ڪئي هئن. حضرت
والد صاحب اسان کي مبارڪن جو شرف عطا ڪيو ۽ هر طرف
کان مبارڪ، مبارڪ جو آواز بلند ٿيو - الحمد لله والشڪر لله
هي راقم عاصي فخر سان اعلان ٿو ڪري ته رب تعاليٰ جل شانه
پنهنجي فضل ۽ ڪرم سان جيڪو مون کي مرشد عطا فرمايو آهي ان جو
مثال مغرب کان مشرق ۽ جنوب کان شمال تائين جيڪي
وڏي نظر سان ڏسبو ته ملڻ محال آهي.

ذَٰلِكَ فَضْلُ اللَّهِ يُؤْتِيهِ مَن يَشَاءُ ۚ وَاللَّهُ ذُو الْفَضْلِ الْعَظِيمِ

جيئن زندگي جي لڙهي ۾ اسان اڪيلا آهيون جو هاڻي
هلندي هلندي آخر ۾ حضور رسالت مآب سرور ڪائنات
صلي الله تعاليٰ عليه وآله واصحابه وبارڪ وسلم تائين
۽ پوءِ حضرت رب العزت جل شانه تائين اڪيلا آهيون،
ڪهڙي ۽ به بدڪاري هوندي اميد آهي رحمت الاهي جا آهيون -

مولانا سعدي رحمت الله عليه فرمائي ٿو ته -

شنيدم كه در روز اميد و بيم
بدان را به نيكان به بخشد كريم

هن ساڻن پنهنجي مريدن جو ذڪر ڪيم. سهائي پنهنجي قبله گاهه حضرت
والد صاحب جا آخرين حالات ۽ رحلت بابت لکندس. حضرت
قبله گاهه صاحب جن ننگر ٺٽي جو سفر ڪري هليا ۽ اتان ساڪرو
مان قاضين وٽان ٿيندا ڪراچي هليا ۽ اسان به يا مرڪئي
اخوي محمد عمر جان ۽ هي عاصي بنده ساڻن سفر ۾ گڏ
هوا سون. ڪراچي پهچڻ تي استقبال لاءِ مريد اسٽيشن مٿي
تي آيل هوا. اسٽيشن تان حاجي قاسم جي گهوڙي گاڏي تي سوار
ٿي ڪڍي ۾ آيا سون. ته حضرت قبله گاهه صاحب جن مريدن کي
فرمائيو ته بابا پنهنجو هان وٽ هي آخرين سفر آهي. مون خواب
ڏٺو آهي ته ڪنهن شخص پنهنجي سامهين هٿ تي ٻارهن جو انگ لکيو
آهي. تنهن مان معلوم آهي ته هاڻي سال ته ڏرڪنار باقي ڪي
مهنا يا هفتا پنهنجي عمر رهندي. اهڙي گفتگو ڪري مريد دلگير ٿيا

۽ روئڻ لڳا. حضرت صاحب جن کين دلاسا ڏنا ته اوهان دلگير نه
ٿيو الله پاڪ جل شانهٗ اوهان جو حافظ ۽ ناصر آهي. ڪراچيءَ
کان گهر ڀرجي لڳ شوال واري مهيني ۾ وري حضرت جن سيوهڻ
۽ سيهڙ طرف روانا ٿيا ۽ اسان به ساڻن سفر ۾ گڏ هواسون
جڏهن سيهڙ تعلقه جون دعوتون پوريون ڪري ڳهاڙيءَ ۾ ٿيسيه
آياسون ۽ اتان ٽيهن ڏينهن جي دعوت تي سيوهڻ پهتاسون ۽
عصر جو وقت هو ته ڏيرڪا دوست محمد روءَ عرض ڪيو ته قبلا
منهنجو پٽ سخت بيمار آهي. مهرباني ڪري ان لاءِ شفا جي دعا
فرمايو. حضرت قبله گاهه صاحب جن اندر ويا ۽ ٿوري وقت بعد موٽي
آيا ۽ مون کي فرمايائون ته بابا مون هڪ اهڙي صورت ڏٺي
آهي جو سندس پر مشرق کان مغرب تائين هوا ۽ انهن پرن مان
هڪ پر مون کي مٽي تي لڳو آهي. جنهن ڪري مٽي ۾ ذرا سوراخ
ٿيو آهي. جيڪڏهن ٻيو ڪو اها صورت ڏسي ها ته ختم ۽
بيهوش ٿي وڃي ها. ۽ بيمار جو ڪرڻ حضرت صاحب جن جي

اوطاق تائين ڇهين ڇيءَ وقت ۾ ختم ٿيو. انهيءَ رات جناب حضرت قبله
گادي صاحب جن جي طبع عليل ٿي - بوءِ به سفر بند ڪري دادوءَ
آخوند عبدالله بختيار پوري جي دعوت تي آيا هئون - ٻُ ٽي
به ڏينهن حضرت صاحب جن رهيا ۽ سڄڻ طبع ناساز رهي قبله
سيوهڻ جا مريد آيا مگر حضرت جن فرمايو ته منهنجي طبع خوش نه آهي
ڦهنڪري هلڻ نه ٿيندو - دادوءَ کان گهر آيا هئون - مونکي حضرت
والده صاحبه کي چيو ته حضرت صاحب جن جي طبع مبارڪ
خوش نه آهي - بوءِ آهسته آهسته اهڙي جو سڀوئي ڏينهن ويا هير
جيڪو جمعو شام کان ڏئي صبح جو اشراق تائين سخت سور رهندو
هو - ٻي جمعا برابر اهو سور رهيو آخري هفتي ۾ فرمايو ٿون
ته حضرت مرشد رحمت الله تعاليٰ عليه جيڪي ان وقت سفر
تي هيا انهن کي لکو ته سفر بند ڪري اچو ۽ منهنجي جنازه جي
نماز اوهان اچي پڙهايو. حضرت قبله مرشد صاحب جن
انهي پيغام پهچڻ شرط سفر بند ڪري گهر آيا ۽ ستو اسين

کان اسان جي گهر آيا. حضرت صاحبن تي ان وقت غشي طاري
هئي. حضرت مستقيم صاحبن السلام عليکم چيو ته
اسان جي والد صاحب به آخرين ڪلام وعليکم السلام چيو
ان کان پوءِ ٻيو ڪو به ڪلام نه ڪيائون. خميس رات نماز
مغرب بعد رحلت فرمايائون مهينو محرم جو هو، تاريخ جو ٽيهين
هئي. ان وقت سواري جو بندوبست نه هو. پر جنازه ڪاهڻ
تي مقبره شريف ڏانهن وٺڻو هو. سيد عبدالله شاه صاحب
جي هٿين حضرت صاحبن جو جنازه مبارڪ مٿي تي کنيو
هو، پر سيد عبدالله شاه پيرين اگهاڙو جنازه مبارڪ
سان ڊوڙندو ٿي هليو. حضرت مرشد صاحب عليه رحمت
جن ساڻ گهوڙي تي سوار هيا. گهوڙو پوري رفتار سان
جنازه سان گڏ هو. جنازه مبارڪ اڌ منزل تي ويو هو
ته اُن گهوڙن تي سوار پوئتي رهجي ويا فقط حضرت
مرشد صاحب رحمت الله تعالیٰ عليه جن جي ٻنهي گهوڙي تي

جنازه سان گڏ هوا - مدفن قبر مبارڪ حضرت خواجه صاحب
رحمت الله تعالیٰ عليه جن جي چوڪنڊي کان ٻاهر اولهه طرف
متصل آهي جا جناب حضرت قبله خواجه صاحب جن جي گنبد
مبارڪ کان ٻاهر ورانڊي ۾ اولهه طرف ۾ آهي ۽ اها برخوردار
صاحبزادي عبدالباقي جان سنگ مرمر سان ٺهرائي آهي.
رب تعالیٰ کين اولاد سميت دين دنيا جون نعمتون عطا فرمائي آمين
مدفن قبر مبارڪ تي سنگ مرمر جي تختي مٿان جناب حضرت قبله
مخدوم رحمت الله تعالیٰ عليه جن پنهنجي هٿ سان قطعه تاريخ پنهنجن
هٿن مبارڪن سان لکي آهي - اها قطعه تاريخ هيءَ آهي

شيخ عبدالقدوس حق آگاه — کرد زين دار بي بقا رحلت
شب پنجشنبه چارم عاشور — روح پاڪش روان سوي جنت
سال ترحيل او بگفت حسن — لفظ مغفور با سر حسرت

١٣ ٣٤

حضرت قبله گاهه صاحب جن جو اولاد هن ريت آهي - کين
جمله پنج فرزند تولد ٿيا ۽ جمله ڇهه نياڻيون.

منجهان وڏو فرزند نمبر ١ آغا عبدالسلام جان صاحب - ان کان ننڍو
ٻيو بالغ فرزند ۽ ٽيون نمبر فرزند ننڍي عمر ۾ فوت ٿيا - جن
جو نالو عبداللطيف جان ۽ ٻئي جو عبدالفتاح جان هو - هي ٻئي
صاحبزادا ننڍپڻ ۾ فوت ٿيا ۽ اُتي ئي مدفون ٿيا - فرزند نمبر
چوٿون آغا محمد عمر جان صاحب هو هي صاحب سهڻي بکر ۾ صاحب
جلال جو هو - پنجون نمبر هي مرحوم صاحبزادا عبدالغفار جان عفي الله تعالى
عنه آهي - حضرت آغا عبدالسلام جان صاحب جن کي ڇهه
فرزند ۽ ٻه ڌيئرون هيون نمبر وڏي فرزند جو نالو غلام محمد جان
هو جو ننڍي عمر ۾ فوت ٿيو - نمبر ٻيو غلام احمد جان نمبر ٽيون
غلام قيوم جان نمبر چوٿون حبيب الله جان نمبر پنجون
غلام محمد جان نمبر ڇهون صفي الله جان - حضرت قبله گاه صاحب
جن جو فرزند نمبر چوٿون محمد عمر جان صاحب آهي ان کي ٻه
فرزند ۽ ٻه ڌيئرون نمبر پهريون فرزند عبداللطيف جان نمبر ٢
ٻيو فرزند عبدالجبار جان جي نالن سان آهن -

هن پنجين نمبر راقم العاصي عبدالغفار کي عفي الله تعالى عنه
پنج فرزند تولد ٿيا نمبر پهريون عبدالباقي جان نمبر ٻيو
عظيم الله جان نمبر ٽيون امين الله جان محمد چوٿون
هي فرزند ذهين باهوش ننڍپڻ جي عمر ۾ فوت ٿيو نمبر پنجون
ثاني حافظ امين الله جان نمبر پنجون حافظ محمد الرحمان
عبدالباقي جان کي هڪ فرزند ۽ پنج نياڻيون آهن -
فرزند نجونالو محمد عاصم جان آهي طول عمره جو هن وقت پيساري
عاليه ۾ ڊاڪٽري ۽ جو ڇهون سال پڙهي رهيو آهي رب تعالى
جل شانه شال کيس عمر با صلاحيت ۽ هدايت فرمائي - عظيم الله
جان کي ٻه فرزند ۽ چار نياڻيون آهن - فرزند نمبر پهريون عزيز الله
جان ۽ ٻيو نمبر حفيظ الله جان طول عمرها آهن - حافظ امين الله
جان کي چار فرزند ۽ ٻه نياڻيون آهن نمبر پهريون غلام عمر جان
نمبر ٻيو محمد صالح جان نمبر ٽيون مسلم جان نمبر ٤ چوٿون سليمان جان
طول عمرها آهن ۽ حافظ محمد الرحمان کي ٻه فرزند ۽ ٻه نياڻيون آهن

منجهه لوڻي منور احمد جان شرير سو محمد لغمان جان طول عمرهم بالهداية

والصالحية بحرمت النبي عليه التحية والسلام. ۽ آخر دعوانا

انِ الحمدُ للهِ ربِّ العالمين ٥ اللّهمَّ مغفرتُكَ اوسعُ

مِنْ ذنوبي ورحمتُكَ ارجىٰ عندي مِنْ عملي ٥

هاڻي جناب شاه حضرت شاه فضل الله صاحب عليه الرحمت

جن جي والد صاحب جو احوال ۽ آخر ۾ حضرت شاه صفي الله

رضي الله عنه

صاحب جن جي مناجات ۽ ٽڪ ۽ نعت ۽ سيحالي ته قيوم

جاڪي حبيبو آهي لکجي ٿو. سڀني حضرت بي بي صاحب جن قيوم

وقت جا هوا ۽ ياسنجي حضرت قيوم زمان رضي الله تعالى عنه

جن جي آهي ۽ سندن والد صاحب سادات بخارين مان آهي

حضرت شاه فضل الله صاحب عليه الرحمت جي والد صاحب

صاحب ۽ جناب قدوة الاولياء حضرت شاه غلام النبي صاحب

جا هلير مبارڪ ۽ حضرت شاه صفي الله صاحب رضي الله تعالى

عنه جا اول نمبر خليفه ۽ نيڊن ۾ حضرت قدوة الاولياء

حضرت شاه غلام محمد صاحب رضي الله تعاليٰ عنه جن کان به ڪي
ونفن عطا ٿيل آهي - جد بزرگ حضرت شاه صفي الله صاحب جن کي
رب تعاليٰ جل شانهٗ قيوميت جو رتبو عطا فرمايو هو. تنهن ڪري صاحب
رجوع حضرت قيوم جهان ڏانهن ڪري اعليٰ درجات کي پهتا ۽
آخر وارو سارو وقت سندن خدمت مبارڪ ۾ رهيا. سندن
والد صاحب جن جو نالو حضرت شاه عطاء الله صاحب بخاري
سادات مان آهي - شاه عطاء الله صاحب جن حضرت شاه
حاجي عبدالوهاب شاه جي اولاد مان آهن. قدس سره - جناب
حضرت مجدد صاحب رضي الله تعاليٰ عنه جن جي وقت ۾ دهلي ۽
۾ رهندا هوا ۽ اتي ارشاد بخشيندا هوا - جناب حضرت مجدد صاحب
رضي الله تعاليٰ عنه جن ڪن هڪ مڪتوب ۾ سندن مدح به لکي آهي
حضرت شاه عبدالله صاحب قدس سره جن جو نسب جناب حضرت مخدوم
جهانيان سان ملي ٿو. حضرت حاجي عبدالوهاب شاه جي اولاد
مان جناب حضرت سيد حاجي عبدالرحيم شاه حج بيت الله شرف

ڪان فارغ ٿي مدينه منوره ۾ جڏهن زيارت حضرت سرور ڪائنات
صلي الله تعاليٰ عليه وعليٰ آله وصحبه وبارڪ وسلم ڪان مشرف
ٿيا ته حضور جن کين حڪم فرمايو ته سرهند شريف وڃو ۽ حضرت
"خازن" صاحب خلف جناب حضرت مجدد الف ثاني جن ڪان سندن نياڻي
جو رشتو طلب ڪيو. جو انهي مان توکي فرزند صالح پيدا ٿيندو
حضرت عبدالرحيم شاه صاحب حڪم موجب سرهند شريف ۾ اچي
حضرت محمد سعيد صاحب "خازن" ڪان رشتو جو طلب ڪيائين ۽
حضور جن جا سڀ ڪيفيت ٻڌايو. حضرت "خازن" صاحب عليه الرحمة
جن فرمايو ته اهڙي حالت ۾ جيستائين اسان کي به حڪم ملي ته مان
اکين سان توکي رشتو ڏيندس. رات جو خواب ۾ حضرت خازن
صاحب جن کي جناب سيدة النساء حضرت بي بي صاحبه فاطمه رضي الله
جهولي ڏ تعاليٰ عنها حضرت خازن کي فرمايو ته پنهنجي نياڻي سندس جهولي
۾ ڏي. جڏهن حضرت خازن صاحب جن اهو حڪم ٻڌو ته
صبح جو وڏي خوشي ۽ فخر سان پنهنجي نياڻي حضرت عبدالرحيم شاه

صاحب جي عقد ۾ ڏنائون. هن بيبي صاحبه مان حضرت عبدالرحيم شاه
صاحب کي فرزند پيدا ٿيو ته اُن کي حضرت "وحدت" صاحب رضي الله
تعالى عنه به پنهنجي نياڻي عقد ۾ ڏني. اهڙيءَ طرح اهو رشتو سلسلو رهيو
تان جو جناب حضرت حاجي غلام محمد معصوم صاحب "معصوم ثاني"
به پنهنجي نياڻي حضرت عطاءُ الله شاه صاحب کي (عقد ۾) ڏني جا حقيقي همشيره
شاه صفي الله صاحب رضي الله تعالى عنه جي هوئي. جنهن مان هي ڏ
بيبي صاحبه جيڪا شاه فضل الله صاحب جي والده صاحبه آهي
تولد ٿي. رحمت الله تعالى عليهم اجمعين ۰ حضرت بيبي صاحبه
جو مثال زالن ۾ ته ڇا پر مردن ۾ ملڻ به مشڪل آهي.
قيوم زمانه جا هوا. سندن ماڻهن ۾ مرشد قيوم جهان صاحب
جن کين ارشاد جي اجازت ڏني هئي. حضرت قيوم جهان جن
فرمائيندا هوا ته بيبي صاحبه ۾ ظاهري فرق آهي باقي باطن
جي ڪمالات ۾ مون سان شامل آهن. حضرت قيوم جهان
صاحب جن پنهنجي اولاد کي بلڪه مخلصن کي به سندن لاءِ رجوع

جاري فرمايو - ۽ تنهنجي اولاد کي مسند مرحمت ڪئي پڻ لطف فرمايائون -
بي بي صاحبه موصوفه رضي الله تعالى عنها اندران حجره مان ٻاهر
وڃي مريدن جي توجهه حلقه ۾ رونما ٿيندا هوا - مسند جو نالو مبارڪ
امة المعصوم آهي رضي الله تعالى عنها -

حضرت قيوم جهان صاحب جن کين خلافت جي مسند لکي ڏني آهي
جنهن حضرت قيوم جهان صاحب جن ڪابل مان حرمين شريف روانا
ٿيا ته حضرت بي بي صاحب جن به ساڻن انهن سفر ۾ گڏ هيا -
جنهن ملڪ مين "حدوره" ۾ حضرت قيوم جهان صاحب جن
خلعت فرمائي ته مسند لاءِ احاطه، مسجد وغيره لاءِ نخلستان
کي رقوم ڏيئي پاڻ حد پاڪ ڪعبة الله شريف ڏانهن روانا
ٿيا ۽ اتي جا حج جا ارڪان بجا آڻي رب تعالى کان انعامات حاصل
فرمائي مدينه منوره ڏانهن هليا - اتي جناب حضرت سرور ڪونين
صلي الله تعالى عليه وآله وصحبه وبارڪ وسلم جن ان خليفي سميت
کين قيوميت واري سبز پوشاڪ (خلعت) عطا فرمائي ۽

پوءِ ڪجهه عرصو پوءِ راست ڇهه مهينا مدينه منوره ۾ رهيا. پوءِ جڏهن
ڪين موٽڻ جي اجازت ملي تڏهن ٻيهر جدي کان عمري جو احرام ٻڌي
مڪه مڪرمه ۾ آيا. ۽ ورڻي جدي آيا ۽ آتان جڏهن ٻيڙي
ڪراچي ۾ آيا تڏهن پنهنجي مرشد جي زيارت لاءِ ٺٽي ۾ آيا ۽ جيڪا
رقم احاطي ۽ مسجد جي ٺاهڻ لاءِ ڏني هئائون ان مان ٿورڙي رقم
جو حصو مزار جي باقي ڪم لاءِ رقم ڏئي پنهنجي وطن سعيدپور
ٽنڊي ۾ آيا. جڏهن ٺٽي مان سياري ۾ هئا تڏهن آپ سندن نياڻي
رحلت ڪئي سندن نياڻي جي عمر وفات مهل سورهن (16) سال هوئي رهي
مرحومه رب تعالى جلشانه جي عجائبات مان هئي. سندن تاريخ
وفات حضرت شاه فضل الله صاحب جن هن طرح لکي آهي. فرد

باز به جنات رفت و آن گل باغ جنان
١٣١٤ ١٣١٤

۽ مخدوم صاحب مادهٔ تاريخ "رضي الله عنها" (١٣١٤) مان ڪڍيو آهي
اُتي مسيت ۾ مسجد شريف ٺهرايائون ۽ مصلين جي خدمت
مرحومه حضرت بي بي فاطمه تي گنبد ٺهرايو. جو اڄ تائين قائم آهي.

۽ حضرات سياري وارا اتي متمڪن آهن. ٻيءَ سنڌ ۾ ماڻهو روانه
ٿي ڪابل ويندا. هڪ سال اُتي رهي ٻيءَ زيارت لاءِ سرهند شريف آيا
زيارت کان مشرف ٿي وري ڪابل ويندا ۽ اتان زيارات ماوراءُ
النهر بخارا ڏانهن ويندا. بخارا ۾ حضرت شاه نقشبند رضي الله
تعالى عنه جن جي زيارت ڪري وڏا باطني انعامات حاصل ڪيا اٿن -
حضرت شاه نقشبند صاحب جن کين ڏنو ته اسان تو لاءِ رب تعالى
جل شانه کان وڌيڪ عمر لاءِ سوال ڪيو سون رب تعالى اهو قبول
فرمائي اوهان کي ٽيه سال وڌيڪ عمر عطا ڪئي آهي. ٻيو
عرض ڪيائون ته اهو سلسلو عمر جي ٻن فرزندن هڪ حضرت
شاه فضل الله صاحب ۽ ٻيو حضرت شاه ضياءالحق صاحب کي ملي
اهو سوال به منهنجو قبول ٿيو. اتان حضرت شاه گُلال صاحب
رضي الله تعالى عنه جن جي زيارت لاءِ آيا ۽ اتان انعامات
باطني حاصل ڪري مزار شريف حضرت امير المؤمنين سيدنا
حضرت علي رضي الله تعالى عنه جي درگاه عاليجاه تي ويندا -

حضرت شيرِ خدا رضي الله تعاليٰ عنه جن کين وڏا انعامات ۽ عنايتون
عطا فرمايا ۽ کين سندن قبر مبارڪ به اُتي ڏيکاريائون.
۽ پوءِ پاڻ اتي مزار شريف ۾ رحلت ڪيائون. سندن قبر
مبارڪ حضرت شيرِ خدا رضي الله تعاليٰ عنه جي گنبد مبارڪ جي متصل
هڪ ڪنڊ ۾ ننڍي گنبد ۾ واقع ٿي. جا اڄ تائين اتي قائم آهي
هي مختصر احوال جون سندن لاءِ لکيو آهي. ۽ ڪالي بهاڻي جي
خير سان پوري ٿي. هاڻي ڪجهه فرمائش ۽ مناجات ۽ نعتون
حضرت شاهه قيوم جماڻ جا لکيل آهن. تنهنڪري حضرت بي بي
صاحبه ثانيه "رابعه بصري" جو احوال مختصر لکيو اٿم جيڪو مؤمن
شائقين کي تفصيل سان ڏسڻ جو شوق آهي ته اهو جناب حضرت
شاهه فضل الله جناب رحمت الله تعاليٰ عليه جيڪو سندن فرزند
ارجمند لکيو آهي ڪتاب "عمدة المقامات" مان ڏسڻ گهرجي.
دعا آهي ته مون کي ۽ منهنجي اولاد کي بلڪه سڀني مخلصان محبوبن
جن کي رب تعاليٰ جلشانه حضرت بي بي صاحبه جي طفيل

هدايت صلاحيت بعد آخر الايمان عطا فرمائي - آمين ثم آمين

هاڻي سمجهاڻي ته "قيوم" ڇا آهي ؟ قيوم معنيٰ ڇا آهي ؟

حضرت قدوت الله شيخنا و مرشدنا حضرت شاه محمد معصوم صاحب مشهور به حضرت "عروة الوثقيٰ" صاحب رضي الله تعاليٰ عنه جن پنهنجي خليفه مولانا حضرت محمد حنيف عالمي کي هڪ وڏو مڪتوب لکيو آهي جنهن جي آخر ۾ "قيوم" بابت لکن ٿا

قيوم هن جهان عالم ۾ "خليفه الله" ۽ جلشانه جو آهي ؟ نائب مناب انجو اقطاب آهي ؟ ابدال وقت دامر ۽ ظلال ۾ مندرج آهي ؟ "افراد" ۽ "اوتاد" "محيط" عمال انجي آهن

مطلب ته قيام عالم جو رب تعاليٰ پنهنجي قدرت ڪامله سان قيوم کي عطا ڪيو آهي ؟ سمجهڻ گهرجي ته عالم دنيا جي اندروني حڪومت قيوم کي عطا ٿيل آهي - مڪتوب شريف تمام وڏو آهي هت عوام جي سمجهاڻي لاءِ مختصر لکيو اٿم - تم مکتوبات الشريف بالاختصار

خدايا بحق بني فاطمه ٥ که بر قول ايمان کنم خاتمه ٥ اگر دعوتم رد کني يا قبول
من و دست دامان آل رسول ٥ صلي الله تعاليٰ عليه و آله و بارڪ و سلم

به قبر من فرود آرند، به خاک تیره بسپارند ۞ به تنهایم بگذارند، در آن زندان یا الله

ز منکر و نکیر من، به فریاد و نفیر من ۞ تو باشی دستگیر من، به هر عنوان یا الله

به حشرم چون برانگیزی، به جسم جان در آویزی ۞ مرا از لطف نامیزی به غضب و ضنان یا الله

من از اندیشهٔ آن دم، به گرداب غم افتادم ۞ ز عمر خویش ناشادم، اجل خواهان یا الله

ولی مشکل بود آن دم، که گر صد برگ را خوانم ۞ خلاصی نیست از آنم به هیچ عنوان یا الله

مگر لطفت شود شامل، به این فرسوده مشت گل ۞ که آید بر لب ساحل از آن طوفان یا الله

در آن وادی چو درمانم، کنی دشوار آسانم ۞ کشتی بر لوح عصیانم، خط غفران یا الله

صفی گو زشت کردار است، به بخشایش سزاوار است
ترا از جان طلبگار است، به دل جویان یا الله

## نعت شریف حضور سرور کائنات

صلی الله تعالی علیه و آله و صحبه و سلم

روشن ز مهر عارضت قندیل ماه و مشتری ۞ محو مهر رخسار تو چون ذره شمس خاوری

نام خدا بر طور دل پیوسته حق را مظهری ۞ در محفل جمع رسل تابان چو شمع انوری

حیرانم از وصف تو کز هر چه گویم برتری

ای مهر مشرق والضحی وی بدر اوج هل اتی نجم سپهر ما غوی شمع شبستان سبحی
شهباز اوج فاستوی عنقای غرب قمه ای لبعد از تدلّی و دنی از سمّتت ای نور العلی
زاغ البصر شد ما طغی تا غیر حق را ننگری

عرش معظم جای تو بر فرق کرسی پای تو اوج دنی ادنای تو بزم ترا ماوای تو
روح القدس شیدای تو رضوان چمن آرای تو فردوس خاک پای تو طوبی قد رعنای تو
رخسارهٔ زیبای تو دید حق است ای انوری

ای سرور دنیا و دین وی رهبر ملک یقین از حق ترا صد آفرین بوده است بادا هم چنین
کوی تو فردوس برین پیک درت روح الامین نقاش کلک دیان چنین نقش جمالش را ببین
ناید ز تو مانند این گر صد کنی صورتگری

ای مهر اوج لامکان بدر سپهر عز و شان شمع شبستان جهان نجم منیر آسمان
ختم الرسل صاحب قران مرآت نور مستعان از هجرت ای جان جهان جان در بدن دارد فغان
کم ناید از لطف شهان گر بر غریبان ننگری

من والهٔ روی توام دیوانهٔ بوی توام    جان دوز ابروی توام دلبند گیسوی توام

مستسقیِ جوی توام بیمار داروی توام    آشفتهٔ موی توام سرگشتهٔ کوی توام    آشفتهٔ

افتان وخیزان هر گهڑی    در رهٔ در سوی توام

ای شافعِ روز جزا وی والیٔ ملکِ عطا    هر دم صلوٰة و مرحبا پیوسته باد امر ترا

کلبت صفی بی نوا گم کرده درگاهِ وفا    از شومئ حرص و هوا دارد بهر در التجا

با حرمتِ نامِ خدا سوئ خودت کن رهبری

--—○○○○○—--

حضرت قیوم سجان صاحب رضی الله تعالیٰ عنه جن جا مناجات ۽

نعت ڪافي آهن هت فقط هڪ مناجات ۽ هڪ نعت تبرڪاً

لکي اٿم ۽ الهيٰ تي اکتفا ڪيل آهي. رَبَّنَا تَقَبَّلْ مِنَّا إِنَّكَ

أَنْتَ الْمُجِيْبُ الدَّعْوَاتِ ٥

بسم الله الرحمن الرحیم

هت هڪ مجرب نسخا حديث شريف مان ۽ ڪي علماءِ ڪرام دين جا

لکيل ٿا. جو به شخص ولي عقيدي صادق سان جيڪو ڪنهن ۾ دعا
يا درود شريف پڙهندو ته ان کي خواب ۾ جناب حضور سرورِ
ڪونين صلي الله تعاليٰ عليه وعليٰ آله واصحابه وبارڪ وسلم
جن جي زيارت مبارڪ جو شرف حاصل ٿيندو. هيءَ حديث شريف
حضرت ابو هريره رضي الله تعاليٰ عنه جن کان روايت ڪيل آهي ته.
عَنْ اَبِيْ هُرَيْرَةَ قَالَ رَسُوْلُ اللّٰهِ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ مَنْ
رَاٰنِيْ فِي الْمَنَامِ فَسَيَرَانِيْ فِي الْيَقْظَةِ وَلَا يَتَمَثَّلُ
الشَّيْطَانُ بِيْ ۝ متفق عليه بخاري ۽ مسلم. جيڪو به شخص
حضور اڪرم جن جي زيارت خواب ۾ حاصل ڪندو ته عنقريب سجاڳيءَ
۾ زيارت کان مشرف ٿيندو. صدق رسول الله صلي الله عليه وبارڪ وسلم
جڏهن اها ڳالهه حديث شريف سان ثابت ٿي ته لوڪ حتي الوسعت
سالم عقيدي سان ڪوشش ڪجي ته اها سعادت حاصل ٿئي.
حضرت شيخ عبدالحق صاحب محدث دهلوي لکيو آهي ته
اولياءَ الله تعاليٰ کي ديدار جي سعادت بيداريءَ ۾ حاصل رهي ٿي

حضرت شيخ امام غزالي رحمة الله تعالى عليه جن فرمايو آهي ته

حضرات اهل دل وارن کي مشاهدهٔ ملائڪن ۾ ارواح حضرات

انبياء على نبينا عليه الصلوات والسلام جي حاصل رهي ٿي.

هن باري ۾ حضرت ~~عباس~~ عبدالله ابن عباس رضي الله تعالى عنه

جو واقعو عجيب آهي. حضرت عبدالله صاحب رضي الله تعالى عنه

کي خواب ۾ حضور اکرم صلي الله عليه وعلى آله واصحابه وبارڪ وسلم

جن جي زيارت نصيب ٿي. هو صاحب هن حديث ۾ متفڪر هو

جو حضور جن فرمايو آهي ته جنهن کي مونجي زيارت خواب ۾ حاصل

ٿيندي ته عنقريب بيداري يا جاڳي جي حالت ۾ به زيارت جو

شرف حاصل ڪندو. پوءِ هو صاحب ان خيال سان حضرت

ام المؤمنين ميمونه صاحبه رضي الله تعالى عنها جي خدمت

۾ ويو ۽ اهو واقعو بيان ڪيائين. حضرت ام المؤمنين اهو

آئينه مبارڪ جنهن ۾ حضور انور صلي الله تعالى عليه وآله وصحبه وبارڪ وسلم

جن پنهنجو منهن مبارڪ ڏسندا هوا ها آڻي ڏنائون، ۽ حضرت عبدالله

صاحب کي فرمايائون ته ھن آئيني ۾ مشاھدو ڪريو حضرت عبدالله
صاحب انھيءَ آئيني ۾ مشاھدو ڪيو ته صورت پاڪ جناب
حضور سرور ڪائنات صلي الله تعالیٰ عليه وعلیٰ آله وصحبه وبارڪ وسلم
بعينه ڏيکاري ويئي انھيءَ آئيني ۾ اصول مطابق ھجي صورت نه ڏيکاري
تبارڪ الله تعالیٰ سالڪين طريقت وارن کي رب تعالیٰ جل شانه
پنھنجي فضل ۽ ڪرم سان زيارت حضور پاڪ صلي الله عليه وسلم
جن جي خواب ۾ يا بيداري ۾ عطا فرمائي آھي ته ھن سلسله ۾
بزرگان دين رحمھم الله تعالیٰ بعض درود شريف ۽ وظائف
انتخاب ڪيا آھن جيڪي ھن ڪو حسن عقيدت سان پڙھندو ته
رب تعالیٰ جل شانه ڪيس پنھنجي فضل ۽ ڪرم سان حضور اڪرم
صلي الله تعالیٰ عليه وعلیٰ آله واصحابه وبارڪ وسلم جن جي
زيارت مبارڪ جو شرف عطا فرمائيندو - باليقين ۽
ڪتاب جذب القلوب الیٰ ديار المحبوب صلي الله عليه وبارڪ وسلم
۾ حضرت شيخ عبدالحق صاحب محدث دھلوي انھيءَ بابت ۾

ٻ چار نسخا لکيا آهن. وهو هذا

① اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ وَّآلِهٖ وَسَلِّمْ كَمَا تُحِبُّ وَتَرْضٰى لَهٗ = انهي قسم جي هي درود شريف جي خاصيت ساڳي آهي.

② اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى رُوْحِ سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ فِي الْاَرْوَاحِ اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى جَسَدِهٖ فِي الْاَجْسَادِ اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى قَبْرِهٖ فِي الْقُبُوْرِ

③ جيڪڏهن ڪو شخص جمعه جي ڏينهن هي درود شريف هڪ هزار مرتبه پڙهندو ته ان کي انشاء الله تعالىٰ حضور اڪرم صلي الله تعالىٰ عليه وآله وصحبه وبارڪ وسلم جي زيارت رب تعالىٰ جلشانه جي فضل سان نصيب ٿيندي ۽ ٻئي جاءِ ڪتب ۾ ڏسڻ ۾ هي درود شريف پنج جمعا پڙهي انشاء الله تعالىٰ اهڙي ريت ۾ زيارت کان مشرف ٿيندو. وهو هذا

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدٍ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَاٰلِهٖ وَسَلَّمَ.

④ جمعرات عشا جي نماز کان پوءِ وضو ڪري ۽ صاف ڪپڙا ڍڪي خوشبو لڳائي هر ڳالهه کان فارغ ٿي خدا ڪارڻ هيٺين حسب حضور جن جو وسيلو ڏئي ٻه رڪعتون نماز نفل پڙهي - اول رڪعت ۾ الحمد کان پوءِ يارهن دفعا آيت الڪرسي ۽ يارهن دفعا سورة مبارڪ قل هو الله - ساڳيءَ طرح ٻي رڪعت به پڙهي سلام بعد صدق دل سان هيٺيون درود شريف پڙهي دعا گهري درود شريف هڪ سؤ دفعا پڙهي پوءِ دعا گهري ته يارب مون کي حضور جن صلي الله عليه وسلم جن جي زيارت جو شرف عطا فرماءِ اهو عمل ٽي جمعا ڪندو ته انشاء الله تعاليٰ زيارت کان مشرف ٿيندو - اهو درود شريف هي آهي.

اَللّٰهُمَّ صَلِّ عَلٰى سَيِّدِنَا مُحَمَّدِنِ النَّبِيِّ الْاُمِّيِّ وَاٰلِهٖ وَسَلِّمْ ۝

⑤ جمعرات فرضي نماز کان فارغ ٿي ڪائي ٻين پوءِ غسل ڪري ته بهتر ٻي صورت ۾ فقط وضو ڪري خوشبو لڳائي دل سان زيارت لاءِ نيت ڪري سان ٻه رڪعتون نفل پڙهي -

هر هڪ رڪعت ۾ الحمد کان پوءِ سورت شريف قل هو الله احد - پنجويهه
دفعه پڙهي ۽ سلام بعد هڪ هزار دفعا هي درود شريف پڙهي
صَلَّى اللهُ عَلَى النَّبِيِّ الْأُمِّيِّ ٥ انشاءالله تعالىٰ
زيارت کان مشرف ٿيندو -

حضرت شيخ عبدالحق صاحب دهلوي فرمائين ٿا ته مٿين درودن
مان ڪو به پڙهجي پر شرط اهو آهي ته اول صدق دل سان غسل
ڪري ۽ ڪپڙا بالڪل پاڪ صاف پائي ۽ باوضو پاڪ
بستري تي قبله طرف منهن ڪري سمهڻ سبب کان هيٺان ڏني
هيءَ دعا پڙهندو هجي انشاءالله تعالىٰ ضرور زيارت کان
مشرف ٿيندو - اها دعا هيءَ آهي -

اَللّٰهُمَّ اِنِّيْ اَسْئَلُكَ بِجَلَالِ وَجْهِكَ الْكَرِيْمِ
اَنْ تُرِيَنِيْ فِيْ مَنَامِيْ وَجْهَ نَبِيِّكَ سَيِّدِنَا
مُحَمَّدٍ صَلَّى اللّٰهُ عَلَيْهِ وَسَلَّمَ رُؤْيَةً تُقِرُّ بِهَا عَيْنِيْ
وَتَشْرَحُ بِهَا صَدْرِيْ وَتَجْمَعُ بِهَا شَمْلِيْ وَتُفَرِّجُ

بِهَا كُرْبَتِي وَتَجْمَعُ بِهَا بَيْنِي وَبَيْنَهُ يَوْمَ الْقِيَامَةِ

فِي الدَّرَجَاتِ الْعُلٰى ثُمَّ لَا تُفَرِّقُ بَيْنِي وَبَيْنَهُ

الْكَرِيْمُ يَا أَرْحَمَ الرَّاحِمِيْنَ ۝ تم الدعا - يا ارحم

هي دعا مٿين ٻنھن درود شريفن مان ڇيڪوبہ پڙھجي

ان لاءِ مٿئين لکيل ترتيب سان ضرور پڙھجي - دائم

ھن عاصي مجسم گنھگار راقم کي باوجود گناھن جي

رب تعالیٰ جلشانہ پنھنجي خاص فضل ۽ ڪرم سان خواب

۾ حضور ڪريم سرورِ ڪائنات صلي اللّٰہ تعالیٰ عليہ

وعلیٰ آلہ واصحابہ وبارڪ وسلم جن جي زيارتن کان مشرف

ٿيڻو آھي - اھي خواب ھڪ ٻئي ڪتاب ۾ لکيا اٿم . ھت

انھي خوف کان نہ لکيم مبادا نفس کي فخر ٿئي -

دارم اميدِ شفاعت روزِ محشر يارسول

لطفي عاصي کہ در دنيا سگِ کوئي شماست

وآخر دعوانا ان الحمد للّٰہ رب العالمين - ربنا تقبل منا انك

انت المجيب الدعوات.

آخر ۾ پڙهندڙن کي منهنجي التجا آهي ته هن رسالي جي لکڻ ۾

جيڪڏهن مون کان ڪا غلطي ٿي هجي ته نظر لطف سان صحيح

ڪري مون کي پنهنجي دعاءِ خير وسلامتي ايمان لاءِ دعا ڪن.

والسّلام تم بالخير

تاريخ ١٥ پندرهين ماه جمادي الثاني سنہ ١٤٠٠ھ هڪ هزار

چار سو هجري - يوم الخميس.

فقير عاصي عبدالغفار مجددي عفي عنه

ٽنڊو محمد خان - ضلع حيدرآباد - سنڌ

---

آخر ۾ مناجات سلسلهٔ نقشبنديه ۽ مجدديه جو

جناب حضرت قبله شاه آغا صاحب رحمة الله تعالى عليه جو

مطبوع ۽ مناجات ۾ رهيل نه هئا انهن ابيات مناجات منظوم مطابق

جناب حضرت حضرت صاحب جي حافظ صاحب دامت برڪاتهم جا لکيل آهن

مناجات ؛ بسم الله الرحمن الرحيم ؛ مناجات

حمد اول مڃان رب العُليٰ جي واسطي
شڪر ٻيو خالق و ارض و سما جي واسطي
پوءِ چوان دل و جان سان لک لک صلاتون ۽ سلام
سيد الڪونين ختم الانبياء جي واسطي
ڪر ڪرم مون تي خدايا مصطفيٰ جي واسطي
حضرت صديق اڪبر باصفا جي واسطي
ڏي ڪر سلامت دين ۽ ايمان منهنجو يا خدا
حضرت سلمان فارس پارسا جي واسطي
ٿي ڪري قسمت اسان جي ۽ سعادت جو نصيب
حضرت قاسم امام الاتقيا جي واسطي
صادقن سان حشر ڪر منهنجو الٰه العالمين
حضرت صادق امام الاولياء جي واسطي
ڪر زياده دين ۽ ايمان اسانجو باليقين
بايزيد بوسطامي پيشواءِ جي واسطي
بوالحسن سو خارقاني شمس جو ساعن نيو
صاحب ڪشف و ڪرامت مقتدا جي واسطي

؛ حضرت شاه بو علي عالي حسب عالي نسب ؛

صاحب علم و عمل نور الهدا جي واسطي

حسن ظاهر حسن باطن شيخ يوسف کي ڏسو

ڏي اسانکي حسن بخشي انهيءَ لقا جي واسطي

عبدالخالق غجدواني هو امام العارفين

خلق جو رهبر ٿيو خاص خدا جي واسطي

معرفت بخشي عطا ڪر محبت جو نصيب

پير ڪامل عارف ريوگرا خدا جي واسطي

نيڪ بختي ڪر عطا ۽ عاقبت محمود ڪر

حضرت محمود شاهه اصفياء جي واسطي

سلسلي جو پير ڪامل هو علي رامتني ؛

حضرت بابا سماسي باصفا جي واسطي

پير پيرن جو ڏٺو هو سيد مير ڪلال ؛

علم عشق عطا ڪنا ڪو هو لجپا جي واسطي

نقشبند نقشبندان هو بهاءالدين ولي

فيض ڪيو روشن طريقو هي خدا جي واسطي

دل ۾ ذڪر حق جو جر جو جهان روز شب

حضرت يعقوب چرخي پيشواء جي واسطي

بند نفس و قيد شيطان کان يا خدا آزاد ڪر
خواجهٔ احرار شاهه جي ريا جي واسطي

زهد ۽ تقوىٰ طهارت علم ۽ حلم و حيا
زاهد درويش خواجه امڪنا جي واسطي

جي بقا بالله سان موصوف فاني غير کان
شيخ عبدالباقي باقي بقا جي واسطي

جنهن جي روشن شريعت ۽ طريقت جو ڏيو
تنهن مجدد الف ثاني مقتدا جي واسطي

ڏي اسان کي يا الٰهي تون گناهن کان پناهه
خواجهٔ معصوم امام حق نما جي واسطي

رنگ سان کي دين ۽ ايمان جو ڏي يا خدا
صبغة الله شاهه جي رنگ ۽ ريا جي واسطي

شاهه اسماعيل جو هو صاحب تقوا عجيب
جنهن ڪئي قربان جان تنهن جانفدا جي واسطي

خواجهٔ معصوم ثاني جو شد غلام محمد ولي
صاحب فيض و ڪرامت با صفا جي واسطي

دل اسان جي صاف ڪر ۽ زنگ ظلمت دور ڪر
شه صفي الله امام الاصفيا جي واسطي

شاهه فضل الله جو تنهن فيض جاري سند جو ؛
فضل بحر ياد ب سانتي اولياء جي واسطي

حضرت سيد عبدالقيوم هو انهيءَ جاءِ نشين ؛
صاحب علم و عمل فيض و هدا جي واسطي

حضرت سيد عبدالرحمٰن هو سراج الاولياء ؛
آقنا بمعرفت نور الهدىٰ جي واسطي ؛

هو ابوءِ پيرا سائو مخلص لئي محرمان ؛
حضرت خواجه محمد حسن جانؒ رهنما جي واسطي

هيترن پيرن ۽ ولين کي الله العالمين ؛
تنهنجي در تي مون آندو التجاء جي واسطي

آسيان ڀڪاري ۽ ڀڪاري ڏاڍو بي عمل ؛
ڪون ڪيو ڪو عمل خالص خدا جي واسطي

نفس پيرو بي اثر ڪاهل ڪمينو آهيان
ڏي مونکي توفيق تون حمد و ثناء جي واسطي

نا اميد ڪا مصري شاهه آغا شاد رک ؛
فضل تنهنجو آهي دافع هر بلاء جي واسطي

سڀ مرادن پوريون ڪر ۽ دعائون مستجاب
تنهنجي رحمت آهي واسع هر گدا جي واسطي

اهل اولاد اسانجو شاد رک آباد ۽ رک ؛
اهل بيت مصطفيٰ خير الوريٰ جي واسطي

پرده ڪر يا رب اسانجو ننگ ۽ ناموس پڻ ؛
فاطمه بنت النبي خير النساءٓ جي واسطي ؛

سڀ مريدن مخلصن کي رک سلامت يا خدا
غازين بدر و حنين ۽ ڪربلا جي واسطي

آفتون سڀ دور ڪر ۽ گهر سندن معمور ڪر ؛
۽ دل سندن مسرور ڪر حمد و ثناءٓ جي واسطي

مشڪلات آسان ڪر ۽ دشمنن کان ڏي پناه
حرمت شير خدا مشڪل ڪشاءٓ جي واسطي

تمت

هي حضرت قبله شاه آغا صاحب رحمة الله عليه جا ابيات

پوءِ اتي ساڳي باقي ذيل ابيات جناب حضرت
هيبو صاحب جي حافظ داستان عاجز جا عمل لکي ٿا ؛

١ شان شاهي شاه آغا جي شهادت جو مليو
جنهن تي ڪرم ڪيو خدا خير الوريٰ جي واسطي

حضرت شه شاه آغا صاحب فيض سخا ؛
هر ولي الله ڪامل باصفا جي واسطي

حضرت شاهه غلام علي - جو هو سدا صابر علي
تنهن کي حاصل ٿي شهادت - نور العلا جي واسطي
تون غوث غفار آهين جي سند عاجز عليل ؟
قرب قادر تون تنهن ڏي نور الهدي جي واسطي
عرشيئن ۾ وليّن جي محفل ۾ يا خدا ؟
معاف ڪر منهنجون مدايون مصطفى جي واسطي
محمد منهنجي ساري حوالي حافظ جي رحم ڪر ؟
عاقبت محمود ڪر حضرت محمد مقتدى جي واسطي

ختم

---

نعت مناجات جا ابيات پورا ٿيا = خاص جناب حضرت غلام علي شاهه

---

جي شان ۾ - جناب حيدر صاحب جي بي حافظ راشد جا
چيل ابيات لکجن ٿا = وهو هذا - سيم

---

تر - منهنجا پيارا علي جان تو تي راضي ٿيو رحمان

١. نيڪ صورت نيڪ سيرت نيڪ بخت هئي حبيب
اعلى ۽ افضل شان تيو درجو مليو تو کي عجيب

٢. روح پاڪ پرواز ٿي ويو عرش ۾ ٿيئن تون شهيد
غم زده غمگين آهن سڀ منهنجا مخلص ۽ مريد

۳ وعدو دِتھ پورو کیو انعام و جنت ملیٖتھ
سردار سرور بچہ حالی اما تو تہِ راحت ملیٖتھ
۴ اعلیٰ شان شہادت جو ملی تم یا گیہ ازبی
طفیل ہن بلا ازن بچ خدایا بخش کُنہ گاسی
۵ شر بچ سلامت باسعادت نوی نظر عبد الحمید مان
ہی الٰہی حافظ سندی مقبول کر داور دیان

تمت بالخیر

---

نوٹ آخر سالہ پیٹھ یم چھا مون مناجات حضرت قبلہ شاہ صوا
صاحب رحمۃ اللہ علیہ چھ لیکھم یہ باقی اخیرس پیٹھ ضرات
یعنی حضرت قبلہ شاہ آغا صاحب رحمۃ اللہ علیہ یہ جناب
حضرت غلام علی قاضی صاحب شہید رحمۃ اللہ علیہ چھارسین الا
مناجات چھا سی خاص حضرت عمدہ صاحب بچ حافظ راشد عاجز
ہ چیل لکھم ہا بچ مناجات رب تعالیٰ بچ فضل سلسلہ
داریلہ عمل پورو تیو آخر دعوانا الحمد للہ
رب العالمین والصلوٰۃ والسلام علی سید المرسلین
وآلہٖ وصحبہٖ اجمعین۔ والسلام ۲۹ ذی الحج ۱۴۰۰ھ

عبدہٗ عبد الغفار عفی اللہ عنہ
منجد محمد صاحب

التماس

مون کي هن رسالہ مبارڪ جي نقل ڪرڻ جي سعادت جناب فيض مآب حضرت بابرڪت
مرشدنا و مولانا و وسيلتنا في الدارين حضرت پير عبدالغفار جان صاحب
سرهندي نقشبندي مجددي فاروقي جن جي ارشاد گرامي سان نصيب ٿي
مان پنهنجي هن ادنيٰ خدمت کي دارين جي فلاح تو سمجهان - اميد ته
رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين
حضرات ڪرام مجدديہ جي مهربانيءَ اسان سڀني مريدن ۽ خادمن جي
عاقبت محمود ٿيندي ۽ آخرت ۾ عفو ۽ بخشش ۽ رحمت حاصل ٿيندي

آمين ثم آمين

طلب الباب درگاهہ حضرات مجدديہ رضوان الله تعاليٰ عليهم اجمعين

ناچيز معاصي عبدالعزيز (عزيز)


ڏوڪري ضلع لاڙڪانہ - سنڌ


دعا۔

الهي ببخشائي اين رسالہ را مصنف و نويسندہ و خوانندہ را

آمين

تاريخ ١١ يارهين روز اربع ماهہ شعبان المعظم
سنہ ١٤٠٠ هہ مطابق ٢٥ جون - سنہ ١٩٨٠ عيسوي


ثالث عشر وزت الجن والبشر قطب زمان
اهل الله حضرت حاجی محمد صفی الله صاحب رضی الله تعالی عنه
حضرت حاجی محمد صفی الله صاحب
رضی الله تعالی عنه
حضرت امین الله صاحب
میاں نصر الله
میاں محمود الله
میاں مطیع الله
حضرت عبد الباقی صاحب
حضرت عزیز الله
آغا شیر جان صاحب رحمة الله تعالی علیه
عبد الجبار جان
لاولد
طول عمرهم بالهداية مع الصلاح الاولاد

شجرہ ... قطب زماں ...
حضرت حاجی محمد صفی اللہ صاحب
رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ
میاں نعمت اللہ
حضرت امین اللہ صاحب
میاں قدرۃ اللہ
حضرت ... اللہ صاحب
حضرت ... عظیم اللہ صاحب
حضرت حبیب اللہ صاحب
رحمۃ اللہ تعالیٰ علیہ
جناب آغا عبد السلام جان
عبد اللطیف
عبد الفتاح
غلام ... جان
غلام قیوم جان
حبیب اللہ جان
صفی اللہ جان
لا اولاد
عبد الباقی جان
عظیم اللہ جان
امین اللہ جان
عزیز اللہ
حفیظ اللہ
غلام محمد جان